وڏي وُٽ هُئام
سوڀو گيانچنداڻي

وثي وَث هْئامِ

وڏي وَٽ هُئامِ

ليک

سوڀو گيانچنداڻي

مرتب

عبيد ڪٿپر

سنڌ ادبي اڪيڊمي، ڪراچي.

جملي حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ڪتاب جو نالو : وڏي وَٽ هُئامِ
ليکڪ : سوپو گيانچنداڻي
مرتب : عبيد ڪنڀر
ڪتاب نمبر : 5
ڳاڻيٽو : هڪ هزار
ڇپائيءَ جو سال : سيپٽمبر ١٩٩٧ع
ڪمپوزرس : پيس ڪمپوزرس، ڪراچي
ڇپائيندڙ : سنڌ ادبي اڪيڊمي
542-سي، سينٽرل ڪمرشل ايريا
پي.اي.سي.ايچ.ايس، ڪراچي.
ڇاپيندڙ : ذڪي پرنٽرس، ڪراچي
سرورق : وان گوگ، ڊچ مصور
قيمت =/100 رپيا

نوٽ: وان گوگ، ٣٠ مارچ ١٨٥٣ع ۾ ڊچ ڳوٺ زنڊرٽ ۾ پيدا ٿيو. ١٩٩٥ع جو سال وان گوگ جو سال ڪري ملهايو ويو هو. سندس جيئري هن جو ايترو قدر نہ ڪيو ويو، پر پوءِ هڪ جپاني تصويرون ڪٺي ڪندڙ سندس هڪ تصوير ڇهہ ملين ڊالرن ۾ خريد ڪئي. "سورج- مکي" سندس مشهور تصويرن مان هڪ تصوير آهي جا ڪئنواس تي آئل ڪلر سان ١٨٨٩ع ۾ ناهي هئائين.

محمد امين کوسو

سنڌ اسيمبليءَ ۾ هڪ بي ڊپو، باهمت پروچ ميمبر هو. جو ١٩٣٧ع وارين چونڊن ۾ پنهنجي علائقي جي سردار کان کٽي آيو هو. خانبهادرالله بخش سومري جو پڪو حمايتي ۽ ساٿي رهيو، عليگڙهہ جو تعليم يافتہ، مولانا محمد علي جوهر جو شاگرد، ڪميونسٽ ۽ ڪانگريسي (انوقت ڪميونسٽ ڪانگريس اندر ڪم ڪندا هئا، ڇو تہ ڪميونسٽ پارٽي بندش هيٺ هئي) محمد امين ڪوسو پنهنجي ويس ۽ لباس مان ان دؤر جي چوٽيءَ جي ڪانگريسي مسلمان ليڊرن جهڙو لڳندو هو، ڊگهو شيرواني ڪوٽ (اچڪن) ۽ ڪاڏيءَ جي اچي شلوار پهريندو هو. البت بلوچ هئڻ جي ناتي سان خاص بلوچستان جي ٽوپي مٿي تي پائيندو هو. جناح ٽوپي ان وقت علي ڳڙهہ جا سيئي شاگرد پائيندا هئا، جنهن وقت محمد علي جناح اجا ٽوپلو يا فليٽ هئٽ پائيندو هو!

محمد امين ڪوسو هڪ بهادر، ايماندار ۽ شعلہ بيان مقرر هو ۽ سنڌ اسيمبليءَ جي ڪارروائين ۽ مباحثن ۾ سرگرم حصو وٺندڙ شخص هو. البت هڪ نندي چونڊ هلندي ڪنهن قاتل ڪهاڙيءَ سان اسٽيج تي اچي خان غفار تي وار ڪيو، ۽ وچ ۾ ٽپو ڏيئي محمد امين؛ خان غفار کي بچائيندي

ڪهاڙيءَ جو هڪ ڏڪ پنهنجي مغز تي کاڌو هو. جنهن جي نتيجي ۾ وقتي وقتي مٿس مايوسيءَ جا دورا پوندا هئا، ۽ اهڙن وقتن تي هو معجزوپڻ وارا گفتا ڪيندو هو.

منهنجي ساڻس واقفيت ۱۹۴۱ع ۾ ٿي. "سنڌ زميندار هوٽل" ۾ محمد امين کوسو مستقل مهمان طور رهندو هو. مون ان زماني ۾ ڪميونسٽ پارٽيءَ جي ڪنهن معمولي حڪم مڃڻ کان انڪار ڪيو هو. مون کي حڪم مليو ته، محمد امين کوسي وٽ حاضر ٿيان.

نومبر جي هڪ شام مان هوٽل ۾ محمد امين کوسي جي ڪمري ۾ پهتس ته پيار ۽ عزت سان اٿي مليو ۽ هڪ ٽيبل تي وڪريل چانهه جي سامان طرف وٺي هليو. جتي ڪيڪ، بسڪوٽ ۽ مختلف قسم جا سڪا ميوا پليٽن ۾ موجود هئا. مان اچا ويٺس ئي مس ته پروفيسر ڪارواڻي، قادر بخش نظاماڻي، ڪامريڊ عبدالقادر ۽ ٺهلراماڻي به جلد ئي اچي وارد ٿيا. مونکي خيال آيو ته هي شايد زير زمين "ڪميونسٽ پارٽي آف سنڌ" جا اڳواڻ آهن. ڳالهه جي شروعات ڪارواڻيءَ ڪئي ته مون شاگرد فريڪشن اندر حشو ڪيولراماڻيءَ سان دوستي ٽوڙڻ کان نابري واري هئي. انڪري مونکي جواب ڏيڻ لاءِ پارٽي ٽربيونل آڏو گهرايو ويو هو. مان بلڪل بي ڊپي نموني ۾ ڪين چيو، "مان ڪميونسٽ پارٽيءَ جو باقائده ميمبر ناهيان ۽ مان پاڻ کي توهان جي آڏو جوابدار مڃڻ کان انڪار ٿو ڪريان. مان صرف هڪ همدرد آهيان ۽ شاگردن جي تحريڪ ۾ حشو ڪيولراماڻيءَ جي ڪردار ۽ پيشرفت کان متاثر آهيان ۽ سمجهان ٿو ته حشوءَ سان وڙهي توهان پنهنجي تحريڪ کي هرج پهچائيندؤ."

پوءِ محمد امين ۽ قادر بخش پنهنجو پاڻ ۾ بلوچي زبان ۾ ڳالهايو، جنهن مان صرف هڪ لفظ "بخال" سمجهه ۾ آيو، جنهنجو مطلب گهڻو پوءِ ڪنهن ٻڌايو ته "بخال معنيٰ واٽيو" پوءِ چانهه پاڻي ۽ بسڪوٽ، ڪيڪ کاڌاسون ۽ سندن دوستاڻي رويي مان محسوس ٿيو ته في الحال مونکي ڪنهن پارٽي ٽربيونل آڏو پيش نه ٿيڻو پيو آهي ۽ نه مون وري پاڻ کي منصف بڻائي ڪنهن تي پارٽي ايڪشن ڪٺيو آهي، نه وري پارٽيءَ طرفان فتوا صادر ڪئي آهي.

محمد امين کوسي سان ست مهينا سکر پراڻي جيل ۾ گڏ رهيس ته معلوم ٿيو ته محمد امين کوسو خود به ڪميونسٽ پارٽيءَ جو تابعدار قسم جو رڪن نه هو ۽ هو آزاديءَ سان انوقت جي مشهور ليڊرن، جوشي ۽ڊاڪٽر اڌيڪاريءَ سان بحث مباحثاڪري چڪو هو ۽ سندس دوستي شاعرن ۽ دانشورن مخدوم محي الدين ۽ اسرار الحق مجاز (لکنويءَ) سان هئي. ڪئين دفعا هو اهڙيون ڳالهيون ڪندو هو، جن کي مان سمجهي نه سگهندو هوس. چو ته محمد امين ڪوسو مونکان ويهه ٻاويهه سال وڏو هو. ۽ الله بخش سومري جي شهيد ٿيڻ ڪانپوءِ هو ڇگو مايوس ٿي ويو هو. ان وقت سکر جيل ۾ تقريباً چار پنج سؤ سياسي قيدي ۽ اٽڪل ٽي چار سو اخلاقي قيدي موجود هئا ۽ اسانکي جيل ۾ گهمڻ ڦرڻ جي خاص آزادي هئي ۽ جيڪي اسٽڊي سرڪل اتي موجود اڳواڻن ورتا، انهن ۾ هڪ به ليڪچر ڪميونسٽ تحريڪ تي محمد امين ڪوسو پڙ ورتا. پر محمد امين جي ليڪچر جي ڍنگ مان پاڻ متاثر يا مطمئن نه ٿيس، چو ته هو پبلڪ پليٽ فارم وارو مقرر يا تقرير باز هو ۽ اسٽڊي سرڪل ۾ هو اهڙو ماهر معلوم نه ٿيو.

محمد امين ڪوسو ٻن ٽئن مهينن ڪانپوءِ جيل مان ٻاهر هليو ويو ۽ ساڻس ملاقاتون وري ۱۹۴۵ع ۽ ۱۹۴۶ع ۾ جي. ايم. سيد جي گهر ٿيون. الله بخش سومري مرحوم جي بجاءِ آهستي آهستي سيد اعظم جي. ايم. سيد والارڻ شروع ڪئي هئي. ۱۹۸۰ع واري ڍاڪي تائين (جڏهن محمد امين گذاري ويو) هو جي. ايم. سيد جو مداح رهيو ۽ ڪئين ڀيرا سندس جاءِ تي هن اسان جي پراڻي رهنما ۽ شعله بيان مفتيءَ سان ملاقاتون ٿيون. پر محمد امين ڪوسو هن وقت ڪنهن ٻيءَ دنيا جو رهندڙ معلوم ٿيندو هو. سيد ٻڌايو ته، هو هزارين صفحا ڪيس خط لکي چڪو هو ۽ ڪي خط ته هڪ وقت چاليهه پنجاهه صفحن جا به هوندا هئا. شاباس هجي سيد کي جنهن اهو سمورو مواد فرصت ۾ پڙهيو ۽ محفوظ رکيو، جنهن مان ڪي جهلڪيون "واڇٽ ويراڳين جا" ڪتاب ۾ پيش ڪيل آهن. ۽ ٻيو ڪتاب "رئيس الاحرار مولانا محمد علي جوهر" آهي.

محمد امين ڪوسو ۱۹۲۱ع واري عدم تعاون واري تحريڪ کان متاثر ۽ ان تحريڪ جو قابل شاگرد ۽ چاٽو هيو. هن ان تحريڪ جي اصولن تي عمل

ڪندي ڪڏهن به پنهنجي زمين جي ڍل نه ڀياري. سندس ڪشاده دل، مهمان نوازي جي تقاضا اها هئي ته هو سال ۾ ڪانپوءِ ڪنهن وڏي شهر ڪراچي، لاهور يا اسلام آباد ۾ وارد ٿيندو هو ۽ پنهنجي سموري گڏ ڪيل آمدني شاهه خرچيءَ ۽ پريس ڪانفرنس ۾ اڏائي موٽي وري سال ۾ لاءِ پنهنجي ڀهراڙيءَ واري علائقي ۾ گم ٿي ويندو هو.

منهنجي جيڪب آباد واري نانيءَ ڪشنچند جي بندوق واري دوڪان تي ڪڏهن ڪڏهن هو ايندو هو ته وڏي قرب سان منهنجي نانيءَ کي چوندو هو ته "توهان منهنجا عزيز آهيو، ڇوته سوڀو منهنجو عزيز آهي."

هيءَ پنهنجائپ مونکي اڄ به ڪشش ڪري ٿي. ڇو ته جنهن ڪميزار ۽ يوگيءَ وارن ڏهن مان محمد امين کوسي جو سفر ٿيو، انهن ڏهن مان، ٿوري فرق سان مان پاڻ به گذري رهيو آهيان. مان ڪميزار ذهنيت جو ڪڏهن به سٺو نمائندو نه ٿي سگهيس، پر محسوس ڪيان ٿو ته پنهنجي سياءُ ۾ شايد ڪميزار جي مٿان يوگيءَ جوسياءُ وڌيڪ حاوي رهيو آهي. اهو ئي سبب آهي، جو اسان سڀ سنڌي مختلف اندازن ۾ صوفيت ۽ "همه اوست" جي فلسفي جا قائل ۽ پيروڪار آهيون. سنڌ محمد امين کوسو جهڙا همه صفت درويش تمام ٿورا پيدا ڪيا آهن. هو هڪ اهڙي اٿليي جنس هيو، جنهن سان اختلاف ٿي نه ٿي سگهيو پر هن سان محبت ڪرڻ تي اسان سڀ مجبور هئاسين. ڇو ته هو انهن سيني شين ۽ تحريڪن لاءِ ديوانو هو، جن سان اسان جي دلچسپي ۽ وابستگي هئي.



- مون کي جڏهن چيو ويو تہ سوڀي جي ڪهاڻين (خاڪن) تي پيش لفظ لکان تہ مون سمجهيو تہ هي ڪتاب ڪنهن واڳهہ نک وانگر هوندو ۽ اساڪ بيبل جي ڪهاڻين جي ڪتاب "سرخ فوج" ۽ شولوخوف جي "ڊان وهندي رهي" ڪتاب وانگر هوندو. پر مون اهو جڏهن پڙهيو تہ ان ۾ گورڪي ۽ چيخوف وارو انداز ۽ ٽالسٽاءِ جهڙي نهٺائي ۽ انساني فطرت جي تصوير ڪشي هئي. دراصل اهي منشي پريم چند ۽ گرديو ٽئگور جي اسلوب جي قريب هو.
- سوڀي پنهنجي ڳوٺ ٻنڌيءَ ۽ ان جي آس پاس جي خوبصورت عڪاسي ڪئي آهي. هن ڪهاڻين جا ڪردار اهي ڏنا آهن، جن سان هن جو زندگيءَ ۾ واسطو پيو آهي. هڪ حقيقت نگار اديب وانگر، هن ڪردار نگاري ۽ منظر نگاريءَ تي وڌيڪ ڌيان ڏنو آهي، تشبيهہ، استعاري ۽ آرٽ جي ٻيءَ خوبيءَ ڏانهن گهٽ ڌيان ڏنو اٿس. اها ڳالهہ هن جي تحرير ۾ ڪائي کوٽ نہ ٿي آڻي، پر ان کي وڌيڪ فڪري بڻائي ٿي.

شيخ اياز